SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ آرڊيننس نمبر VI مجريہ 2011
# SINDH ORDINANCE NO.VI OF 2011

# سنڌ (پوليس آرڊيننس،2002 جي منسوخي ۽ پوليس ايڪٽ، 1861 جي بحالي) آرڊيننس نمبر، 2011
# THE SINDH (REPEAL OF THE POLICE ORDER, 2002 AND REVIVAL OF THE POLICE ACT, 1861) ORDINANCE, 2011

## فهرست (CONTENTS)

تمهيد
Preamble
دفعات
1. مختصر عنوان، واڌارو ۽ شروعات
Short title, extent and commencement
2. 1861 جي ايڪٽ نمبر V جي بحالي.
Revival of Act No. V of 1861.
3. 2002 جي چيف ايگزيڪيٽو آرڊر نمبر XXII جي منسوخي
Repeal of Chief Executive Order No.XXII of 2002
4. محفوظ ڪرڻ.
Saving

5. رنڊڪ هٽائڻ.

Removal of difficulty.

# سنڌ آرڊيننس نمبر VI مجريہ 2011
# SINDH ORDINANCE NO.VI OF 2011

# سنڌ پوليس آرڊيننس، 2002 جي منسوخي ۽ پوليس ايڪٽ، 1861 جي بحالي ) آرڊيننس نمبر، 2011

# THE SINDH (REPEAL OF THE POLICE ORDER,2002 AND REVIVAL OF THE POLICE ACT, 1861)ORDINANCE, 2011

[ 9 جولاءِ 2011]

آرڊيننس جنهن ذريعي پو ليس آرڊر 2002 (2002 جي چيف ايگزيڪيٽو آرڊر نمبر XXII) کي منسوخ ۽ پوليس ايڪٽ 1861 (1861 جي ايڪٽ نمبر V کي بحال ڪيو ويندو).

تمهيد
Preamble

جيئن تہ پوليس آرڊر 2002 (2002 جي چيف ايگزيڪٽيوز آرڊر نمبر XXII) کي منسوخ ۽ پوليس ايڪٽ، 1861 (1861 جي ايڪٽ نمبر V) کي بحال ڪرڻ ضروري ٿي پيو آهي جيڪو هن ريت هوندو.

ان ڪي هن ريت عمل ۾ آندو ويندو.

۽ جيئن تہ صوبائي اسيمبلي جو اجلاس هلندڙ نہ آهي ۽ سنڌ جو گورنر مطمئن آهي تہ موجوه حالتن ۾ هنگامي قدم کڻڻ ضروري ٿي پيو آهي.

هاڻي تنهن ڪري اسلامي جمهوري پاڪستان1973 جي آئين جي آرٽيڪل 128 جي شق (1) هيٺ مليل اختيارن کي استعمال ڪندي سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذڪرڻ فرمايو آهي.

مختصر عنوان، واڌارو ۽ شروعات
Short title, extent and commencement

1.(1) هن آرڊيننس کي سنڌ (پوليس آرڊر، 2002 جي منسوخي ۽ پوليس ايڪٽ، 1861 جي بحالي) آرڊيننس، 2001 سڏيو ويندو.

(2). اهو فوري طور لاڳو ٿيندو.

1861 جي ايڪٽ نمبر V جي بحالي.
Revival of Act No. V of 1861.

2. پوليس ايڪٽ، 1861(1861 جي ايڪٽ نمبر V) جيئن اهو 13 اگسٽ، 2002 تي هيو، ان کي فوري بحال ڪيو وڃي ٿو جيئن اهو منسوخ ڪيو ئي نہ ويو هيو.

2002 جي چيف ايگزيڪيٽو آرڊر نمبر XXIIجي منسوخي
Repeal of Chief Executive Order No.XXII

3. پو ليس آرڊر، 2002 (2002 جي چيف ايگزيڪٽيوز آرڊر نمبر XXII) کي سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪرڻ جي حد تائين فوري طور تي منسوخ ڪيو وڃي ٿو.

of 2002

محفوظ ڪرڻ.
Saving

4. پوليس آرڊر، 2002 (2002 جي چيف ايگزيڪيٽوز آرڊر نمبر XXII) جي منسوخي تائين ڪيل سمورا حڪم بشمول قاعدن، باءِلاز، ضابطن ۽ نوٽيفڪشنز جي ۽ ٻين قانوني دستاويزن جي ، ڪيل ڪاروائين، ڪيل مقررين، ڪنهن اٿارٽي ياڪنهن شخص طرفان ڪنيل قدمن، جيڪي ڪيا وياهيا، ڪنيل يا ڪيل، يا ڪرڻا هيا، يا ان سلسلي ۾ ڪٽڻا يا ڪرڻا هيا، 14 اگست، 2002 تائين ۽ تاريخ تائين جنهن ڏينهن هي آرڊيننس لاڳو ٿيو (ٻنهي ڏينهن سميت)، لاڳو رهندڙ جيستائين وڏي وزير يا سندس طرفان بااختيار بڻايل اٿارٽي يا عملدار طرفان تبديل منسوخي يا ترميم ڪياوڃن.

رنڊڪ هٽائڻ.
Removal of difficulty.

5. جيڪڏهن هن ايڪٽ جي گنجائشن کي موثر بڻائڻ ۾ ڪا رڪاوٽ پيش اچي ٿي تہ وڏو وزير سرڪاري گزيٽ ۾ نوٽيفڪشن ذريعي اهڙيون گنجائشون جوڙي سگهي ٿو جيڪي رڪاوٽ کي هٽائڻ لاءِ لازمي يا ضروري هجن.

**نوٽ:۔ ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي**